(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

وسڪارو چاچر پلر پالوت ڪُتل ڪُپ ياٽ ياٽ وِڄُ اَڄ

(ج) لفظن جو اهڙو فقرو يا اهڙي فعلي صورت، جيڪا سِڌي معنيٰ رکي ته ان کي محاورو چئبو آهي. هيٺين محاورن جي سمجهاڻي ڏيو:

* وڄ ڏِسي وهسڻ
* ڏَکر اچڻ
* ڪپُ ورندي ڏيڻ
* بت ڪان بيزار ٿيڻ
* نڪي نوڪي ونڻ

(د) جملي کي ڇيد ڪرڻ لاءِ ٻن حصن ۾ ورهائبو آهي. هڪ 'مبتدا' ۽ ٻيو 'خبر'.

جيئن: 1. خليل خط لکي ٿو. 2. هو ڪتاب پڙهندو آهي.

| جملو | مبتدا | خبر |
|---|---|---|
| خليل خط لکي ٿو. | خليل | خط لکي ٿو. |
| هو ڪتاب پڙهندو آهي. | هُو | ڪتاب پڙهندو آهي. |


اوهان هيٺ ڏنل جملن جو ڇيد ڪريو:

1- گهوڙو ڊوڙي ٿو.
2- ٻار راند ڪيڏن ٿا.
3- پکي اڏامي رهيا آهن.

سرگرمي:

- شاگردَ شهر جي ناظم ڏانهن پنهنجي علائقي جي صفائيءَ جي باري ۾ درخواست لکن.
- مينهن وسڻ کان پوءِ جو منظر پنهنجن لفظن ۾ لکو.

# ليکراج ڪشنچند عزيز



جنم: 1897ع

لاڏاڻو: 1972ع

ليکراج ڪشنچند عزيز 1897ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. سندس سڃاڻپ شاعري، مضمون نگاري ۽ ناٽڪ نويسي آهي. ليکراج ڪشنچند ڪيترن ئي موضوعن تي مضمون لکيا، جن ۾ ادبي، تهذيبي، اخلاقي ۽ سماجي وغيره اچي وڃن ٿا. 'ڪلياتِ عزيز' سندس شاعريءَ جو ڪتاب آهي. جڏهن ته 'ادبي آئينو' سندس مضمونن جو ڪتاب آهي. ليکراج ڪشنچند عزيز 1972ع ۾ وفات ڪئي.

# ساڻيهه جي سِڪ

**سکيا جي حاصلات**

- تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي.
- تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي.
- حوالن بابت ڄاڻي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- ڪنهن به ادبي، علمي يا صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ بُنيادن آڌو درست اُچار ۽ لب **لهجي** سان پنج ڇهه منٽ زباني تقرير ڪري سگهي.
- ڪنهن به مضمون لکڻ وقت پنجن کان مٿي پيراگرافن ۾ پنهنجي مشاهدن ، ڄاڻ، تجربن ۽ تخيل جي حوالي سان جامع انداز ۾ سمورن رخن جو احاطو ڪري سگهي.
- ڪنهن واقعي جو اطلاع، رپورٽ جي صورت ۾ تيار ڪري سگهي.

جهڙيءَ طرح، هڪ مصيبت زده ئي ڄاڻي ٿو ته مصيبت ڇا آهي ۽ وِرهَ جي واڍوڙئي کي خبر آهي ته وڇوڙو ڪهڙي بَلا آهي، تهڙيءَ طرح، ساڻيهه جي سِڪ جو به انهيءَ کي ئي پَرو هوندو، جنهن گهر کان پري گهاريو هوندو. ساڻيهه جي سِڪ يا وطن جي حب اهڙي آهي، جو ڏيساورن ۾ هزار دولتون مِلن، بي انتها نعمتون هجن، طرحين طرحين جا عيش ۽ آرام ميسر ٿين، تڏهن به وطن جي بکن، ڏکن ۽ ڏاڪڙن سان مَٽ ٿي نٿا سگهن. ٻيو ته بجاءِ خود رهيو، پر وطن ۾ سيني کان وڌيڪ اها گهٽي ۽ اهو پاڙو پيارو لڳندو، جتي پنهنجو گهر هوندو. مڙني گهرن کان اهو گهر وڻندو، جتي ماڻهو پلجي وڏو ٿيو هوندو ۽ ڪُلي ماڻُن کان اهي ماڳ پسند ايندا، جن سان نسبتون رهيون هونديون. ولايتن ۾ ڪهڙيون به خوشيون حاصل ٿين، ۽ ڪهڙيون به شگفتگيون صحبتون ملن، ته به وطن جي سَڪٽين سنگتُن ۽ غريباڻي گذران جي تُل نه تُري سگهنديون. ڄڻ ته قدرت وطن جي خاڪ ۽ پاڻيءَ کي ڳوهي، هي قالب ناهيو آهي، جو پرديس ۾ ڪيترن سُکن هوندي به، ساڻيهَ جي سِڪ دل تي داغ ٻڻجي ٿي پوي، ۽ وطن کان ٻاهر، جڏهن ڪڏهن به وطن جو ذڪر ٿئي ٿو، يا يادگيري پوي ٿي، يا وطن جي ڪا شيءِ ڏسجي ٿي، ته اهو داغ چت ۾ اهڙو زور سان چٽڪي ٿو، جو سندس تاب کان ٻيون سڀ فرحتون، ائين غائب ٿيو وڃن، جيئن سج جي روشنائيءَ کان سايو.

قدرتي طرح جسم لاءِ وطن جي هر شيءِ مفيد آهي. آبهوا، کاڌو پيتو، ويندي دوا درمل تائين سندس اثر رهي ٿو. ڏٺو ويو آهي ته جڏهن ماڻهو ڏيهه ڏوري وطن ورندو آهي، تڏهن جيئن جيئن وطن کي ويجهو پوندو ويندو آهي، تيئن تيئن سندس دل جي درياءَ ۾

اُهي اُمنگن جون چوليون اُٿنديون آهن، جو ڪيترو نہ گهَرو گنڀير سياءُ وارو انسان هوندو، تڏهن بہ هڪ واريءَ اهي نظارا، جن سان آشنا هوندو، سي جڏهن نظر چڙهندس، تڏهن بي اختيار دل مان نڪري ويندس: بيشڪ هيءُ اهو ٿلهو آهي، جتي پنڌ ڪان ٿڪجي ساهي پٽيندا هئاسون، يا هوءَ اها ندي آهي، جتي سانوڻ ۾ ترڻ جون موجون ونندا هئاسون وغيره وغيره ۽ جيئن اصلي ماڳن کي ويجهو پوندو ويندو، تيئن هڪ قسم جي فرحت بخش بيقراري طاري رهندس، جيستائين گهر رسي، ڪجهہ وقت پنهنجن سان وجي رلي ملي. ڪيترين حالتن ۾ ائين ٿيو آهي تہ جي زماني جي گردش ڪان پنهنجي وطن جو فقط گهر ڇڏي، ٻيءَ جاءِ تي رهڻو پيو آهي، ۽ پوءِ جي گهر جي ڪنهن پاتيءَ جي بخت ياوري ڪئي آهي، تہ جيسين پنهنجا اباڻا ڪک موٽي خريد نہ ڪيا هوندائين، تيسين سک نہ سُتو هوندو.

البت وطن ڪان ٻاهر نڪرڻ ڪان پوءِ ئي هر ڪنهن شيءِ جو قدر ۽ قيمت ٿئي ٿي. فقط موتيءَ جو مثال ونو تہ اُهو سمنڊ جي تري ۾ سِپ جي پيٽ ۾ رهي ٿو، پر جڏهن سِپ کي غواص ٻاهر ڪڍي، سندس پيٽ چيري موتي ڪڍن ٿا، تڏهن ئي موتيءَ جو اگهہ پار ٿئي ٿو، ۽ محبوبن جي ڳچيءَ جو سينگار بڻجي ٿو. ڪيترين حالتن ۾ آزمايو اٿن تہ موتيءَ جو رفتي رفتي آب تاب جهڪو ٿيو وڃي ۽ وري بہ سمنڊ جي پاڻيءَ اندر رکڻ سان منجهس ساڳي چمڪ دَمڪ پيدا ٿيو پوي. هيءُ تہ ٿيو موتيءَ جو مثال.

اسان جي ملڪ ۾ مارئيءَ جي ڪهاڻي ڪنهن ڪان ڳُجهي ڪانهي. مارو ماڻهو ڏُت تي گذران ڪندڙ، پيٽ بکيا هئا، تہ بہ جڏهن مارئيءَ کي عمرَ زوريءَ آڻي ڪوٽن ۾ قابو ڪيو، تڏهن ائين پئي چيائين تہ تنهنجي پُلائن ڪان، منهنجي اباڻي رَبِ چڱي آهي؛ تنهنجي ڪٽوريءَ ڪان ساٿيهہ جي کِهہ سرس تي پانيان؛ پنهنجي لاک رتل لوئيءَ سان تنهنجا پَٽ پٽيهر ڪين پاڙينديس، هي تنهنجا بنگلا پنهنجين پونگين جي برابر ڪِينَ ڪنديس ۽ تنهنجي گلابي شربتن ڪان منهنجو اباڻو ٻاڙو پاڻي هزار ڀيرا مِنو ۽ وڻندڙ آهي. مطلب تہ ساٿيهہ جي سِڪ اهڙي آڳ لاتس، جو ڪائڻ- پيئڻ وِهُ تي آيس. عمر جون بادشاهي آچون، ناز ۽ نعمتون، دولتون ۽ سينگار هن وطن جي خاڪ برابر بہ ڪونہ ڄاتا. ملير جي چارين کي، ڪبڙن ۽ گولاڙن کي، اباڻن جي لسيءَ ۽ مهيءَ کي

ساريندي ۽ ”ساٽيھ، ساٽيھ“ پُڪاريندي، ڏينھن راتيون ھڪ ڪري ڇڏيائين، ۽ وطن جي وروڻن، پيار ۽ محبت تي ڪوبہ حرف رکڻ ڪونہ ڏنائين.

پڇاڙيءَ ۾ عمر کي ھيئن بہ چيائين تہ ”جيڪڏھن ھتي ڪوٽن ۾ مري ويس ۽ منھنجو لاش ملير جي پاڪ زمين ۾ دفنايو ويو تہ جيڏيءَ مھل مون تي تر جي ٿڌي مٽي پوندي، تيڏيءَ مھل مُئي بہ جيئري ٿي پونديس!“

”واجھائي وطن کي، آءٌ جي ھِتِ مُياسِ،
تہ گورَ منھنجي سومرا، ڪِج پنھوارن پاسِ،
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيھہ جي، منجھان ولڙين واسِ،
مُيائِي جِياسِ، جي وڃي مَڙھہ ملير ڏي.“

(شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ)

('ادبي آئينو' تان ورتل)

## مشق

### (الف) ھيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. مارئيءَ پنھنجي اَباڻي ڪکن جي شين کي تشبيھ ڪيئن ڏني آھي؟
2. مارئيءَ کي پنھنجي وطن لاءِ جو محبت ھئي ۽ ان مان اسان کي ڪھڙو سبق ملي ٿو؟
3. مارئيءَ جو ڪردار ڇا جي ڪري مشھور آھي؟
4. شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ مارئيءَ جي زباني ساٽيھ جي سِڪ کي ڪيئن بيان ڪيو آھي؟
5. پرڏيھ ۾ رھڻ دوران ساٽيھ جي سِڪ ڇو تيندي آھي؟

### (ب) ھيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ اُھي جملن ۾ ڪم آڻيو:

پَرو   ڏيساور   ڏُٿ   وِرھ   کِھ   سياءُ   ڪتوري   سَرسُ

### (ج) ھيٺين مان صحيح جواب چُونڊيو:

1. ليڪراج ڪشنچند عزيز ڄائو:

(1) ڪراچيءَ ۾   (2) حيدرآباد ۾   (3) نوشھري ۾   (4) سيوھڻ ۾

2. 'ساٽيھ جي سِڪ' ۾ ذڪر آھي:

(1) مارئيءَ جو   (2) سسئيءَ جو   (3) لِيلا جو   (4) سُھڻيءَ جو

3 ليکراج ڪشنچند عزيز وفات ڪئي:

(1) 1972ع ۾ (2) 1978ع ۾ (3) 1979ع ۾ (4) 1980ع ۾

4 ليکراج ڪشنچند عزيز جي مضمونن جو ڪتاب آهي:

(1) ڦُلن مُٺ (2) بهار نثر (3)ادبي آئينو (4) ڪُليات عزيز

## (د) هيٺين حوالن جي سمجهاڻي ڏيو:

1- ”تنهنجي پُلائن ڪان، منهنجي اَباڻي رڀ چڱي آهي.“

2- ”ساٿيهہ ساٿيهہ پُڪاريندي راتيون هڪ ڪري ڇڏيائين.“

## (هـ)

تشبيهه مان مراد آهي ’ڪنهن جهڙو هجڻ‘ تشبيهه واري جملي يا فقري ۾ ’جهڙو‘، ’وانگر‘، ’جيان‘، ’جيئن‘، جهڙا لفظ ۽ ان جي صفت بہ ڪم آندي ويندي آهي.

مثال طور: ساجن شينهن جهڙو بهادر آهي. (هن ۾ ’ساجن‘ کي شينهن سان تشبيهه ڏنل آهي ۽ ان ۾ بهادريءَ جي صفت پڻ ڄاڻايل آهي).

توهان هن سبق مان مارئيءَ جي اَباڻن ڪکن سان تشبيهه ڏنل جُملا چونڊي لکو.

## (و)

’ساٽيهہ جي سِڪ‘ بابت پنهنجن لفظن ۾ هڪ مضمون لکو.

## (ز)

’ذات پات‘، ’پيڊ پاءُ‘ ٻنا لفظ آهن، توهين اهڙا ٻيا ڪجهہ لفظ لکي ڏيکاريو.

## (ح)

ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي مختلف واقعن جون خبرون هلنديون آهن، اوهان جي ڳوٺ ۽ شهر ۾ ڪو واقعو ٿيو هجي تہ ان کي رپورٽ جي صورت ۾ ناهي ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

### استاد لاءِ هدايت:

’وطن جي حب‘ جي موضوع تي ڪلاس ۾ شاگردن کان ٽن کان ڇهن منٽن جي تقرير ڪرائي ۽ انهن جي اچار، لهجي ۽ انداز جو مشاهدو ڪري ۽ سندن همت افزائي ڪري.